# ملائڪن جون
# دعائون وٺو

**18-December-2025**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

**(For Islaic Brothers)**

18 ڊسمبر 2025ع (بمطابق: 26 جمادي الأُخريٰ 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار
اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ملائڪن جون دعائون وٺو!

هن بيان ۾ توهان ڇاڄي سگهندؤ ....


- ❖ بي گناهہ زبانون ....... صفحو: 8
- ❖ پهرين صِفَ جون فضيلتون ....... صفحو: 13
- ❖ عيادت ڪرڻ سنت آهي ....... صفحو: 19
- ❖ مخلوق جي تعداد برابر نيڪيون .. صفحو:20


پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعۡدُ! فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَارَسُوۡلَ اللّٰہ وَعَلٰی آلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَاحَبِیۡبَ اللّٰہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَانَبِیَّ اللّٰہ وَعَلٰی آلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَانُوۡرَ اللّٰہ

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَاف (ترجمو: مون سنت اعتڪاف جي نيت ڪئي)

# درود پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم: مسلمان جيسيتائين مون تي درود شريف پڙهندو رهندو آهي تيسيتائين ملائڪ سندس مٿان رحمتون موڪليندا رهندا آهن، هاڻي ٻانهي جي مرضي آهي تہ ٿورو پڙهي يا گهڻو.[1]

ہادی و رہبر و امام تم پہ درود اور سلام | بخشش و رحمت تمام، تم پہ درود اور سلام
حُسنِ کَرم تمہاری بات، حُسنِ عطا تمہاری ذات | حُسن ہی حُسن ہو تمام، تم پہ درود اور سلام

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي : اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.(2)

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي

---

[1] ابن ماجہ، کتاب اقامۃ الصلاۃ و السنۃ فیہا، باب الصلاۃ علی ...الخ، صفحہ:152، حدیث:907 ۔

2... بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# ملائڪ دعا سيڪاري

حضرت عِرۡباض بن سَارِيہ رضی اللہ عنہ رسول الله صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جا صحابي آهن. امام ابۡنِ ابي دُنيا رحمۃ اللہ علیہ روايت ڪن ٿا تہ حضرت عِرۡباض رضی اللہ عنہ کي الله پاڪ سان ملاقات جو تمام گهڻو شوق هو. پاڻ پيرسن تي چڪا هئا. هڪ ڏينهن پاڻ دمشق جي جامع مسجد ۾ هئا، نماز پڙهيائون ۽ پوءِ هن طرح دُعا گهرڻ لڳا: ”اي الله پاڪ! هاڻي تہ مان پوڙهو ٿي چڪو آهيان، هاڻي تہ پنهنجي پاڪ بارگاهہ ۾ حاضريءَ جو شرف عطا فرماءِ.“

فرمائن ٿا تہ ان ئي وقت مون کي هڪ نوجوان نظر آيو جيڪو تمام حسين ۽ خوبصورت هو، سائي چادر ويڙهي مون وٽ آيو ۽ مون کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو: ”حضرت ...! هي اوهان ڪهڙي دُعا گهري رهيا آهيو؟“ مون وراڻيو: ”تہ پوءِ تون ئي ٻڌاءِ تہ ڪيئن دُعا گهران؟“ چيائين: هينئن چئو!

اَللّٰهُمَّ حَسِّنِ الْعَمَلَ وَبَلِّغِ الْاَجَلَ

**ترجمو:** يعني اي الله پاڪ! مون کي نيڪ عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ نيڪ ڪم ڪندي ڪندي موت جي مقرر ڪيل وقت

تائين پهچاءِ.

صحابي رسول حضرت عِرْباض رضی اللّٰہ عنہ فرمائن ٿا: مون ان نوجوان کان پڇيو: ”اللّٰه پاڪ توتي رحم فرمائي، تون ڪير آهين؟“ ان وراڻيو: ”مان زَنَائِيل (*Zana'il*) فرشتو آهيان، جن مسلمانن جي دل ۾ غم هوندو آهي مان انهن کي تسلي ڏيندو آهيان.“ اهو چئي اهو فرشتو واپس هليو ويو ۽ نظرن کان اوجهل ٿي ويو.[1]

## روايت مان ملڻ وارو سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان اسان کي ڪجھ ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون:

**(1):** حضرت عِرْباض رضی اللّٰہ عنہ جو شان ته ڏسو! پاڻ اللّٰه پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضريءَ جو شوق به رکندا هئا ۽ ان جي لاءِ دُعائون به گهرندا هئا. هن مان معلوم ٿيو ته اسان جي دل ۾ به اللّٰه پاڪ سان ملاقات جو شوق هئڻ گهرجي. حديث پاڪ ۾ آهي: مَنْ اَحَبَّ لِقَاءَ اللّٰهِ اَحَبَّ اللّٰهُ لِقَاءَهُ يعني جيڪو اللّٰه پاڪ سان ملاقات جو شوق رکندو آهي، اللّٰه به ان سان ملاقات ڪرڻ کي پسند فرمائيندو آهي.[2]

اسان وٽ هاڻي هڪ باطني بيماري تمام گهڻي پکڙجي چڪي آهي ته اسان دنيا سان تمام گهڻي محبت ڪرڻ لڳا آهيون. حديث پاڪ ۾ ان کي امت جي تباهي (*Destruction*) ۽ زوال (*Degradation*) جو سبب قرار ڏنو ويو آهي. هڪ لفظ آهي: **وَهن.** ان جي معنيٰ چا آهي، اچو ته حديث پاڪ ٻڌون ٿا. رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صلّی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

[1] موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الہواتف، جلد:2، صفحہ:513، رقم:150۔
[2] ابن ماجہ، کتاب الزہد، باب ذکر الموت...الخ، صفحہ:691، حدیث:4264۔

فرمايو: هڪ وقت اهڙو ايندو جو توهان جو تعداد تہ تمام گھڻو هوندو پر توهان جي حيثيت پاڻيءَ جي گجُ وانگر هوندي، دشمن جي دل مان توهان جو رعب ختم ٿي ويندو.

هن تنزلي جو سبب ڪهڙو هوندو؟ آخري نبي، غيب دان نبي صلّى الله عليه واٰله وسلّم فرمايو: لَيَقْذِفَنَّ اللّٰهُ فِی قُلُوبِكُمُ الْوَهْنَ يعني الله پاڪ توهان جي دلين ۾ **وَهن** داخل ڪري ڇڏيندو. پڇيو ويو: **وَهن** ڇا آهي؟ فرمايائون: حُبُّ الدُّنْيَا وَكَرَاهِيَةُ الْمَوْتِ يعني دنيا سان محبت ڪرڻ ۽ موت کي ناپسند ڪرڻ.[1]

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ دنياوي زندگي تي مطمئن ٿيڻ، ان سان محبت ڪرڻ ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضريءَ کي پسند نہ ڪرڻ باطني بيماري آهي، جيڪا اُمَّت جي زوال جو سبب آهي. الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي تہ اسان نيڪ ڪم ڪندا رهون، گناهن کان بچندا رهون ۽ الله پاڪ سان ملاقات جو شوق دل ۾ پيدا ڪريون.

| | |
|---|---|
| محبّت میں اپنی گما یاالٰہی! | نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی! |
| رہوں مست و بے خود میں تیری ولا میں | پلا جام ایسا پلا یاالٰہی! |

**(2):** پيارا اسلامي ڀائرو! روايت مان بہ ڳالهہ هيءَ معلوم ٿي تہ جيڪڏهن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضريءَ جو شوق آهي تہ ان جي لاءِ دُعا محتاط (***Careful***) لفظن ۾ ڪرڻ گهرجي.

ياد رکو دنيا جي پريشانين، مصيبتن يا بيمارين کان تنگ ٿي موت

[1] ابو داود، كتاب الملاحم، باب فی تداعی الامم...الخ، صفحہ:675، حديث:4297۔

جي دُعا ڪرڻ منع آهي. حضرت عِرباض رضی اللہ عنہ تہ الله جي ديدار جي شوق ۾ دُعا ڪري رهيا هئا، حضرت **زَنائِيل** (***Zana'il***) علیہ السلام ان لاءِ بہ محتاط الفاظ سيکاريا تہ هينئن دعا گهرو!

اَللّٰهُمَّ حَسِّنِ الْعَمَلَ وَبَلِّغِ الْاَجَلَ

**ترجمو:** يعني اي الله پاڪ! مون کي نيڪ عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ نيڪ ڪم ڪندي ڪندي موت جي مقرر ڪيل وقت تائين پهچاءِ.

تنهنڪري الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضري جو شوق ضرور رکو، پر ان جي لاءِ دُعا ڪرڻي هجي تہ هنن ئي لفظن سان ڪريو. نيڪ عمل ڪرڻ جي توفيق بہ گهرو ۽ هي بہ گهرو تہ اي الله پاڪ مون کي آخري وقت تائين نيڪ ڪم ڪندو رهڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ هن طرح دُعا گهرندا هئا:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ خَيْرَ عُمُرِي آخِرَهُ وَخَيْرَ عَمَلِي خَوَاتِمَهُ وَخَيْرَ اَيَّامِي يَوْمَ اَلْقَاكَ

**ترجمو:** اي الله پاڪ منهنجي آخري عمر کي زندگي جو سڀ کان بهترين حصو بڻاءِ، منهنجي آخري عملن کي سيني کان بهترين عمل بڻاءِ ۽ منهنجي ڏينهن مان سيني کان بهترين ڏينهن اهو ڏينهن بڻاءِ جنهن ڏينهن تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضري ٿيندي.[1]

هيءَ تمام خوبصورت دعا آهي اسان کي بہ گهرجي تہ اهڙي طرح دعا گهرندا رهون.

[1] مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب الدعا، ما ذکر عن...الخ، جلد:7، صفحہ:81، حدیث:1۔

| | |
|---|---|
| مرے دل سے دنیا کی چاہت مٹا کر | کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی! |
| عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یاخدا یاالٰہی! |

**(3):** پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل روايت مان هڪ اهم ڳالھ جيڪا اسان کي سکڻ لاءِ مِلي، اها آهي حضرت **زَنائِيل** (*Zana'il*) عَلَيۡهِ السَّلَام ملائڪ جي ڊيوٽي. پاڻ پنهجو تعارف ڪرائيندي فرمايائون: اَنَا زَنَائِيلُ الَّذِی يُسَلِّی الۡحُزۡنَ مِنۡ صُدُورِ الۡمُؤۡمِنِينَ يعني مان **زَنائِيل** (*Zana'il*) آهيان ۽ منهنجي ڊيوٽي اِها آهي تہ جيڪڏهن مسلمان جي دل ۾ ڪو غم يا پريشاني هوندي آهي تہ مان ان کي تسلي ڏيندو آهيان.

سُبۡحٰنَ الله! مسلمان جو شان ڏسو! اسان ايمان وارن تي الله پاڪ جو ڪرم ڏسو! جو الله پاڪ هڪ فرشتي جي خاص ڊيوٽي لڳائي ڇڏي آهي تہ جڏهن بہ ڪو مسلمان پريشان ٿئي يا ڪيس ڪو غم وغيره پهچي تہ ان کي تسلي ڏئي.

سُبۡحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي بہ حضرت زَنائِيل عَلَيۡهِ السَّلَام جو فيض نصيب فرمائي ڪاش انهن جي صدقي ۽ انهن جي ذريعي اسان کي غمن کان تسلي نصيب ٿي وڃي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

# بي گناھ زبان سان دعا گھرو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! دُعا تمام اهم عبادت آهي ۽ ان کي مُخُّ الۡعِبَادَةِ يعني عبادت جو مغز قرار ڏنو ويو آهي.[1]

دعا جي باري ۾ هڪ قاعدو (*Rule*) هي بہ آهي تہ جيڪڏهن ان

[1] ترمذی، کتاب الدعوات، صفحہ:777، حدیث:3371۔

زبان سان دعا گهري وڃي جنهن سان اسان گناهه نہ ڪيو هجي، تہ اها جلدي قبول ٿيندي آهي. الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي فرمايو: ”اي موسيٰ! ان زبان سان دعا گهرندو ڪر جنهن سان تو گناهه نہ ڪيو هجي.“

(حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تہ اَلحمدُ لله! نبي آهن، انهن تہ پنهنجي زبان سان ڪڏهن ڪو گناهه ڪيو ئي نہ آهي ڇو تہ نبي معصوم هوندا آهن يعني گناهن کان بلڪل پاڪ هوندا آهن، تنهن هوندي بہ) حضرت موسيٰ عليه السَّلام عرض ڪيو: ”اي الله پاڪ! اهڙي زبان ڪٿان آڻيان؟“ جنهن سان مون ڪڏهن گناهه ڪيو ئي نہ هجي؟ فرمايو ويو: ”ٻين جي زبان مان دُعا ڪرائيندو ڪر، ڇوتہ ان زبان سان تو ڪو گناهه نہ ڪيو آهي.“[1]

سُبۡحٰنَ الله! هيءَ حڪمت ۽ راز جي ڳالهہ آهي، دعائن جو اثر ڏسڻ چاهيو ٿا تہ ٻين کان دعا ڪرايو، اسان انسان آهيون، پنهنجي زبان سان الائي ڇا ڇا ڪري ويندا آهيون؟ ۞ ڪڏهن ڪُوڙ ۞ ڪڏهن غيبت ۞ ڪڏهن چغلي ۞ تہ ڪڏهن واعدي خلافي، نہ ڄاڻ ڇا ڇا ڪري ويهندا آهيون، پر ٻين جي زبان سان تہ اسان ڪو گناهه نہ ڪيو هوندو آهي، تنهنڪري ٻين کان دُعا ڪرايو، اِنۡ شَآءَ الله الۡكَرِيۡم! جلد اثر ظاهر ٿيندو.

## بي گناهه زبانون

پيارا اسلامي ڀائرو! اهڙيون زبانون بہ آهن، جن سان اسان تہ ڪڏهن گناهه نہ ڪيو آهي، پر پاڻ انهن زبانن بہ ڪڏهن گناهه نہ ڪيو

[1] مثنوی معنوی، دفتر سوم، امر حق تعالیٰ بہ موسی...الخ، صفحہ:279، بیت:180-181۔

آهي. رَتِيءَ برابر بہ ڪو گناهہ انهن کان نہ ٿيندو آهي، اهڙين پاڪ زبانن کان پنهنجي لاءِ دعائون ڪرائڻ جا طريقا عرض ڪري رهيو آهيان. اهي زبانون ڪهڙيون آهن؟ جواب آهي ملائڪن جون زبانون. اسان پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان دعائون ڪرائيندا آهيون، ڪرائڻ بہ گهرجن سٺي ڳالهہ آهي. پر اسان عام انسان آهيون، ڪنهن کي دعا لاءِ چيو اُن کان وِسري بہ سگهي ٿو، ٿي سگهي ٿو تہ دعا تہ ڪري پر دل سان نہ ڪري سگهي. تنهنڪري ملائڪن کان دعا ڪرايو! ملائڪ وساريندا نہ آهن ۽ جيڪا دعا ڪندا، اُها انتهائي اخلاص سان ڪندا، إِنْ شَاءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دعا جو اثر جلد ظاهر ٿيندو.

ملائڪن جون دعائون اسان ڪي ڪيئن وٺيون آهن؟ ڪجهہ طريقا عرض ڪري رهيو آهيان:

## ملائڪن کان دعا وٺڻ جا طريقا

سيپارو: **24** سورت غافر، آيت: **7** ۾ الله پاڪ فرمايو آهي:

اَلَّذِيْنَ يَحْمِلُوْنَ الْعَرْشَ وَمَنْ حَوْلَهٗ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَيُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ رَبَّنَا وَسِعْتَ كُلَّ شَيْءٍ رَّحْمَةً وَّعِلْمًا فَاغْفِرْ لِلَّذِيْنَ تَابُوْا وَاتَّبَعُوْا سَبِيْلَكَ وَقِهِمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ۝

ترجمو ڪنزالعرفان: عرش کڻڻ وارا ۽ ان جي آس پاس موجود (ملائڪ) پنهنجي رب جي تعريف سان گڏ ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ ان تي ايمان رکندا آهن ۽ مسلمانن جي لاءِ بخشش گهرندا آهن. اي اسان جا رب! تنهنجي رحمت ۽ علم هر شيءِ کان وسيع آهي تون انهن کي بخشي ڇڏ

جيڪي توبھ ڪن ۽ تنھنجي رستي جي پيروي ڪن ۽ انھن کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

سُبْحٰنَ الله! حاملينِ عرش يعني عرشِ الٰھي کڻڻ وارا ملائڪ ...!! ھي تمام گھڻي فضيلت وار ملائڪ آھن اُھي مقدس فرشتا مسلمانن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا آھن، ڪنھن جي لاءِ دعا ڪندا آھن؟ فرمايو ويو:

| | |
|---|---|
| لِلَّذِيۡنَ تَابُوۡا وَاتَّبَعُوۡا سَبِيۡلَكَ | ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪي توبھ ڪن ۽ تنھنجي رستي جي پيروي ڪن |

يعني جيڪي الله پاڪ جي حضور ۾ توبھ ڪندا آھن ۽ الله پاڪ جي ٻڌايل رستي تي ھلندا آھن، عرش کڻڻ وارا ملائڪ انھن جي لاءِ دعا ڪندا آھن تہ: اي الله پاڪ انھن کي بخشي بہ ڇڏ ۽ انھن کي دوزخ جي باھ کان بہ بچاءِ.

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ عرش کڻڻ وارن فرشتن جي دعائن وٺڻ جو طريقو ھي آھي تہ اسان پنھنجي گناھن کان توبھ ڪندا رھون.

## توبھ ڪرڻ وارو الله پاڪ کي پسند آھي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي توبھ ڪندو رھڻ گھرجي. توبھ بھترين ۽ الله پاڪ جو محبوب بڻائڻ واري عبادت آھي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آھي:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيۡنَ<br>(پارو: 2، سورة بقرة: 222) | ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله گھڻي توبھ ڪرڻ وارن سان |

محبت فرمائيندو آهي.

معلوم ٿيو ته جيڪو ٻانهو ڪثرت سان توبهه ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو آهي.

الله اڪبر! ڏسو ڪيڏو نه اعليٰ شان آهي، الله پاڪ جو محبوب يعني پيارو بڻجڻ ڪا آسان ڳالهه ته نه آهي، اِهو ڪو معمولي رتبو ته نه آهي، الله پاڪ سيني جهانن جو رب آهي، سمورن جهانن جو خالق آهي، جيڪو ان مالڪ ڪريم جو پيارو ٿي وڃي ته پوءِ ان وٽ ٻي کهڙي شيءِ جي ڪمي رهندي ...؟ صوفياءِ ڪرام فرمائيندا آهن: مَنْ لَهُ الْمَوْلٰی فَلَهُ الْكُلّ يعني جيڪو الله پاڪ جو ٿي ويندو آهي سڀ ڪجهه ان جو ٿي ويندو آهي. (1)

خبر پئي ته **توبهه** اها عظيم نعمت آهي، جو جيڪو ٻانهو **توبهه** ڪندو آهي اهو الله پاڪ جو محبوب بڻجي ويندو آهي ۽ جيڪو الله پاڪ جو محبوب بڻجي وڃي، ان کي هي رتبو ملي ويندو آهي جو سڀ ڪجهه ان جو ٿي ويندو آهي، نه ان کي دنيا ۾ ڪا ڪمي رهندي آهي ۽ نه ئي آخرت جو ڪو خطرو رهندو آهي.

مَت گناہوں پہ ہو بھائی بے بَاک تُو | بُھول مَت یہ حقیقت کہ ہے خَاک تُو
تھَام لے دَامَنِ شاہِ لوْلَاک تُو | سچّی تَوبہ سے ہو جائے گا پاک تُو(2)

## تَوبَهه جا ڪجهه فائدا

**توبهه** ڪرڻ وارو تمام وڏي رتبي وارو هوندو آهي ۞ جيڪو **توبهه**

---

1...سبع سنابل، سنبلۂ سوم در ترک و قناعت و توکل وتبتل، صفحہ:92۔

2... وسائلِ بخشش، صفحہ:656 ملتقطًا۔

ڪندو آهي ان کي ڪاميابي ملندي آهي۞ جيڪو **توبهه** ڪندو آهي الله پاڪ ان کي پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو آهي ۞ ان جي مٿان رحمت وسندي آهي ۞ ان جا گناهه مٽايا ويندا آهن ۞ قيامت جي ڏينهن ان کي جنت عطا ڪئي ويندي ۞ ان کي جهنم کان ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو ۞ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا به سَنورجي ويندي ۽ آخرت به بهتر ٿي ويندي.

لهٰذا اسان کي هميشه توبهه ڪندو رهڻ گهرجي! جيڪڏهن اسان اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري دامت برکاتهم العاليه جي عطا ڪيل **72 نيڪ اعمال** تي پابندي سان عمل ڪريون ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! بيئن سٺين عادتن سان گڏوگڏ توبهه ڪرڻ جي به توفيق ملي ويندي. **72 نيڪ عملن** مان **نيڪ عمل نمبر 28** آهي: **ڇا اڄ توهان معاذالله! گناهه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهه ڪئي؟**

هن نيڪ عمل کي مضبوطيءَ سان پڪڙي وٺو! ان سان گڏوگڏ روزانو رات جو گهٽ ۾ گهٽ ٻه رڪعتون نمازِ توبهه پڙهڻ جي به عادت بڻايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عرش کڻڻ وارن ملائڪن جي دعائن مان حصو نصيب ٿيندو. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی! | گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!
ہو اَخلاق اچّھا ہو کردار سُتھرا | مجھے متّقی تُو بنا یاالٰہی!

# پهرين صِفَ ۾ نماز پڙهو!

**ابنِ ماجه** شريف ۾ آهي ته رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم

فرمايو: بيشڪ الله پاڪ ۽ سندس ملائڪ پهرين صف (***First Row***) وارن تي رحمتون موڪليندا آهن.[1]

يعني جيڪو شخص پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي سعادت ماڻيندو آهي، الله پاڪ ان تي رحمتون موڪليندو آهي ۽ ملائڪ ان جي لاءِ رحمت جون دعائون گهرندا آهن.[2]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! هزارين ملائڪ جنهن ٻانهي جي لاءِ رحمت جون دعائون گهري رهيا هجن، ڇا تا سمجهو؟ ان کي رحمت نہ ملندي...؟ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ضرور نصيب ٿيندي ۽ جنهن کي الله پاڪ جي صرف هڪ ئي رحمت نصيب ٿي وجي، ان جي دنيا بہ سنورجي ويندي ۽ آخرت بہ سنورجي ويندي.

تنهنڪري ملائڪن جون دعائون حاصل ڪرڻ جي لاءِ پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي عادت ٺاهيو!

# پهرين صِفَ وارا اڳتي وڌڻ وارا آهن

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَقْدِمِيْنَ مِنْكُمْ<br>(پارو:14،سورة الحجر: 24) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ اسان اوهان مان اڳتي وڌندڙن کي بہ ڄاڻون ٿا ۽ اسان توهان مان پٺتي رهندڙن کي بہ ڄاڻون ٿا. |

هڪ روايت موجب هن آيت ۾ مُسْتَقْدِمِيْن (يعني اڳتي وڌندڙن) مان مراد پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ وارا آهن. حضرت عبدالله بن

1 ابن ماجہ، كتاب اقامة الصلاة وا لسنة فيها، باب فضل الصف المقدم، صفحہ:164، حديث:999۔
2 مراة المناجيح، جلد:2، صفحہ:186 ملتقطاً بتغير۔

عباس رضی اللہ عنھما کان روايت آهي ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم هڪ دفعي پهرين صف ۾ باجماعت پڙهي وڃڻ واري نماز جا فضائل بيان فرمايا ته صحابه ڪرام رضی اللہ عنھم پهرين صف حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪرڻ لڳا ۽ انهن جا هجوم (*Crowd*) ٿيڻ لڳا ۽ جن جا گهر مسجد شريف کان پري هئا اُهي پنهنجا گهر وِڪڻي مسجد شريف جي ويجهو گهر وٺڻ لاءِ تيار ٿي ويا ته جيئن پهرين صف ۾ جاءِ ملڻ کان محروم نه رهن. ان تي هيءَ آيتِ ڪريمه نازل ٿي ۽ کين تسلي ڏني وئي ته ثواب نيت تي آهي ۽ اللّٰه پاڪ اڳتي وڌندڙن کي به ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي عذر سبب پٺتي رهجي ويا آهن تن کي به ڄاڻي ٿو ۽ سندن نيتن کان به خبردار آهي ۽ ان کان ڪجهه به لڪيل نه آهي.[1]

سُبْحٰنَ اللہ! ڇا شان آهي صحابه جو. عبادت جو جذبو ڏسو! پهرين صف جو ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي بزرگ پنهنجا گهر وڪڻي مسجد شريف جي ويجهو اچڻ لاءِ تيار ٿي ويا ته جيئن جلد تياري ڪري جلدي جلدي مسجد ۾ پهچي وڃن ۽ پهرين صف حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ....!!

افسوس! هڪ اسان آهيون جيڪي پهرين صف ته پري جي ڳالهه آهي، آخري صف ۾ به ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته جماعت جي آخري رڪعت تائين پهچڻ ۾ به ڪامياب نه ٿيندا آهيون. اللّٰه پاڪ معاف فرمائي. ڪيترائي نمازي اهڙا آهن جن جي ته جماعت ئي قضا ٿي ويندي آهي، مسلمانن جو هڪ وڏو تعداد اهڙو به آهي جيڪو مسجدن جو رخ ئي نه ڪندو آهي.

---

[1] مراة المناجيح، جلد:2، صفحه:186 ملتقطاً بتغير۔

الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي! ياد رکو! مسجد جي پهرين جماعت سان نماز پڙهڻ واجب آهي، بغير مجبوريءَ جي جماعت ڇڏڻ گناهه ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.[1]

# باجماعت نماز پڙهڻ جون فضيلتون

مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللّٰہ عنہ جو فرمان آهي: مون ٻنهي جهانن جي سردار، مديني جي تاجدار صلَّی اللہ علیہٖ واٰلہٖ وسلَّم کي فرمائيندي ٻڌو ته الله پاڪ جماعت سان نماز پڙهڻ وارن کي محبوب رکندو آهي. (2)

حضرت ابو سعيد خدري رضی اللّٰہ عنہ بيان ڪن ٿا ته الله پاڪ جي آخري رسول، رسولِ مقبول صلَّی اللہ علیہٖ واٰلہٖ وسلَّم فرمايو: جڏهن ٻانهو جماعت سان نماز پڙهي پوءِ الله پاڪ کان پنهنجي حاجت گهري ته الله پاڪ ان ڳالهه کان حَياء فرمائيندو آهي ته سندس ٻانهو حاجت پوري ٿيڻ کان اڳ واپس موٽي وڃي. (3)

جماعت سے گر تو نمازیں پڑھے گا | خدا تیرا دامن کرم سے بھرے گا

هڪ حديث پاڪ ۾ آهي ته مرد جو مسجد ۾ جماعت سان نماز پڙهڻ گهر ۾ يا بازار ۾ نماز پڙهڻ کان **25** درجا افضل آهي. (4)

۽ هڪ ٻي حديث ۾ آهي ته جماعت سان نماز پڙهڻ اڪيلي نماز

1 فتاویٰ رضويہ، جلد:7، صفحہ:199۔

2...مسند احمد، جلد:2، صفحہ:309، حديث:5112۔

3... کَنْزُ الْعُمَّال، کتابُ: الصّلوٰة، جز:7، جلد:4، صفحہ:227، حديث:20239۔

4... بُخاری، کتاب: الاذان، صفحہ:223، حديث:646۔

پڙهڻ کان **27** درجا افضل آهي. (1)

اي عاشقانِ رسول! فرض ڪريو تہ ڪنهن وٽ واپار جو مال آهي، جيڪڏهن هو ان کي پنهنجي شهر ۾ وڪڻي تہ ڪيس **100** روپيا ملن ۽ جيڪڏهن سمنڊ پار وڃي اهو ئي سامان وڪڻي تہ **2500** يا **2700** روپيا ملن تہ هو ضرور سمنڊ پار وڃي پنهنجو مال وڪڻڻ پسند ڪندو، چو تہ **25** يا **27** دفعا وڌيڪ نفعو ڪير ڇڏيندو! افسوس! دنيا جي دولت وڌائڻ لاءِ تہ ماڻهو پري پري جو سفر ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن پر گهر کان صرف ڪجهہ قدم هلي مسجد ۾ جماعت سان نماز پڙهي هڪ نماز تي **27** نمازن جو ثواب ڪمائڻ ۾ ڪي ماڻهو سُستي ڪندا آهن ۽ گهرن ۾ ئي نماز پڙهندا آهن.

بھائی مسجد میں جماعت سے نمازیں پڑھ سدا | ہوں گے راضی مصطفےٰ، ہو جائے گا راضی خدا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جو ثواب

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي پنج ئي نمازون پڙهڻ گهرجن، جماعت سان پڙهڻ گهرجن ۽ ڪوشش ڪري پهرين صف ۾ پڙهڻ گهرجن. حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪڏهن ماڻهن کي خبر هجي ها تہ پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جو ڪيڏو وڏو ثواب آهي تہ ضرور ان جي لاءِ قرعہ اندازي ڪن ها.[2]

يعني هر ڪو پهرين صف ۾ ويهڻ چاهي ها ۽ جاءِ جي تنگيءَ سبب قرعہ اندازي جي ذريعي فيصلو ٿئي ها.

---

1… بُخاری، کتاب: الاذان، صفحہ:223، حدیث:645۔
[2] فتاویٰ رضویہ، جلد:7، صفحہ:199۔

# پهرين صف کان محرومي سُستيءَ جو سبب آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ تمام وڏي فضيلت وارو عمل آهي ۽ ان کان محرومي بہ تمام وڏي محرومي آهي. حديث پاڪ ۾ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صلّى الله عليهِ وَاٰلهٖ وسلّم فرمايو: قوم پهرين صف کان پوئتي ٿيندي رهندي ايسيتائين جو الله پاڪ کين باھ ۾ پوئتي ڪري ڇڏيندو.[1]

يعني جيڪي ماڻهو سُستيءَ سبب پهرين صف ۾ پهچڻ ۾ دير ڪندا يا پهرين صف ۾ جاءِ هوندي بہ پوئتي بيهندا، تہ اهي دين جي سيني ڪمن ۾ سُست ٿي ويندا ۽ برائن تي دلير ٿي ويندا، جنهن جو نتيجو هي نڪرندو جو جهنم ۾ ويندا ۽ دير تائين اتي رهندا.[2]

اللهُ اڪبر! الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. نيت ڪريو تہ! اڄ کان وٺي سيئي نمازون باجماعت پهرين صف ۾ ادا ڪنداسين، اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم!

اهو ٿيندو ڪيئن...؟ بلڪل آسان ڳالهہ آهي، ڪوشش ڪريو تہ آذان اچڻ کان پهريان ئي مسجد ۾ پهچي وڃو، اهو نہ ٿي سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ آذان اچڻ سان ئي سڀ ڪم ڪار ڇڏي مسجد ڏانهن هلڻ شروع ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! پهرين صف حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندؤ.

# نمازواري جاءِ تي ويٺا رهو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ملائڪن جون دُعائون حاصل ڪرڻ جا وڏيڪ

---

[1]ابو داود، ڪتاب الصلاة، باب صف النساء...الخ، صفحه:119، حديث:679ـ
[2]مراة المناجيح، جلد:2، صفحه:189ـ

طريقا ٻُڌو! مُسلِم شريف جي حديث پاڪ آهي، حضرت ابوهريره رضی اللّٰه عنْه روايت ڪن ٿا تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صلَّی الله علَیهِ واٰلہٖ وسلَّم فرمايو: بيشڪ جڏهن ٻانهو پنهنجي نماز واري جاءِ تي وينو رهندو آهي جتي هن نماز پڙهي آهي، تيستائين جيستائين سندس وضو نہ ٽٽي، ملائڪ مٿس درود موڪليندا رهندا آهن". ملائڪ چوندا آهن: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لَهُ، اَللّٰهُمَّ ارْحَمْهُ اي الله پاڪ! هن کي بخشي ڇڏ، اي مالڪِ ڪريم! هن تي رحم فرماءِ.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! ملائڪن کان رحمت ۽ بخشش جون دُعائون حاصل ڪرڻ جو ڪيڏو نہ آسان نسخو آهي. اسان جتي بہ نماز پڙهون، مسجد ۾ پڙهون يا گهر ۾ پڙهون، جڏهن بہ جتي بہ نماز پڙهون، ٿوري دير لاءِ اتي ئي وينا رهون! ويني ويني تسبيح فاطمہ پڙهي وٺون، آية الڪرسي پڙهي وٺون، قُل شريف پڙهي وٺون، درود پاڪ پڙهي وٺون، يا خاموش ئي وينا رهون، جيستائين اتي وينا هونداسين، ملائڪ اسان جي لاءِ بخشش ۽ رحمت جون دُعائون ڪندا رهندا.

خيال رهي تہ فرض نماز باجماعت پڙهڻ ئي واجب آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن شرعي مجبوريءَ سبب فرض نماز گهر ۾ پڙهي ۽ مصلّي تي وينا رهيا، تڏهن بہ اِنْ شَآءَ الله ملائڪن جون دعائون ملنديون.[2]

1 موطا امام مالک، کتاب قصر الصلاۃ فی السفر، باب انتظار الصلاۃ و المشی الیہا، صفحہ:100، حدیث:392۔
2 التمہید لابن عبد البر، جلد:11، صفحہ:642۔

# ملائڪ مغفرت جي دعا ڪندا آهن

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ، شيرِ خدا رضی اللّٰه عنه ڪان روايت آهي تہ ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختيار، مکي مدني سرڪار صلّی اللّٰه علیه وآلهٖ وسلّم فرمايو: جڏهن هڪ مسلمان پنهنجي ٻئي مسلمان ڀاءُ جي عيادت ڪندو آهي تڏهن اُهو مريض وٽ ويٺو رهڻ تائين جنت جي باغ (*Garden*) ۾ سير ڪندو رهندو آهي، جڏهن هُو ويهندو آهي ته رحمت کيس ڍَڪي ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن ڪو صبح جو عيادت ڪندو آهي تہ شام تائين **70** هزار فرشتا ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو شام جو عيادت ڪندو آهي تہ صبح تائين **70** هزار فرشتا ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن.(1)

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو نہ شان آهي ...!! **70** هزار فرشتا صبح ڪان شام تائين ۽ شام ڪان صبح تائين ٻانهي جي لاءِ دُعائون ڪندا رهندا آهن. ڪرڻو ڇا آهي؟ فقط مريض جي عيادت ڪرڻي آهي.

# عيادت ڪندا ڪريو

پيارا اسلامي ڀائرو! هي تمام وڏي فضيلت وارو ڪم آهي. اسان جو ڪو مسلمان ڀاءُ جيڪڏهن بيمار ٿي پئي، يا ڪيس ڪو ڏکُ وغيره لڳي، ساڻس ڪو حادثو ٿي وڃي يا ڪيس ڪو طِبي مسئلو دَرپيش هجي، اسان کي گهرجي تہ پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيادت ڪريون، ان وٽِ وڃون، ان سان مِلون، سندس حال احوال پڇون، کيس تسلي ڏيون، جيڪڏهن ان کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي ۽ اسان مدد

1... ابنِ ماجہ،کتاب الجنائز،باب ما جاء فی ثواب من عاد مریضا،صفحہ:234 ،حدیث:1442۔

ڪرڻ جي طاقت رکندا هجون تہ سندس مدد بہ ڪريون. بهرحال! جيڪڏهن هُو ويچارو غمگين آهي تہ ٻين مسلمانن ڪي گهرجي تہ سندس غم هلڪو ڪن، ان جي برڪت سان مسلمانن جو پاڻ ۾ پيار وڌندو، اتحاد ۽ اتفاق ۾ واڌارو ٿيندو، نتيجي ۾ اسان جو معاشرو امن، سڪون، پيار ۽ محبت جو مرڪز بڻجي ويندو.

## عيادت ڪرڻ سنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! مريض جي عيادت ڪرڻ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہِ وآلہٖ وسلَّم جي تمام پياري سنت مبارڪ آهي.[1] اسان جي پياري نبي صلَّی اللہ علیہِ وآلہٖ وسلَّم جي هيءَ تمام پياري عادت مبارڪ هئي تہ جڏهن بہ ڪين کي اطلاع ڪندو هو تہ فلاڻو شخص بيمار آهي، پوءِ چاهي ان جو گهر مديني منوره جي آخري ڪناري تي ڇو نہ هجي، پاڻ صلَّی اللہ علیہِ وآلہٖ وسلَّم سندس عيادت لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا.[2]

## مخلوق جي تعداد برابر نيڪيون

پيارا اسلامي ڀائرو! بيمار جي عيادت ڪرڻ جهڙي طرح الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صلَّی اللہ علیہِ وآلہٖ وسلَّم جي پياري پياري سنت آهي، اهڙي طرح اڳين انبياءِ ڪرام عليهم السَّلام جي بہ سنت آهي. الحمدللہ! الله پاڪ جا سڀ نبي همدرد رحمدل ۽ ڏکايلن جا غمگسار هئا. روايت ۾ آهي تہ هڪ دفعي الله پاڪ پنهنجي پياري نبي حضرت موسيٰ ڪليمُ الله عَلَيهِ السَّلام ڏانهن وحي موڪلي تہ اي موسيٰ!

---

1… بهارِ شريعت ،جلد:3 ،صفحہ:505،حصہ:16۔

2 وسائل الوصول الی شمائل الرسول، الباب الخامس...الخ، الفصل الخامس...الخ، صفحہ:121 ۔

چا تون چاهين ٿو تہ قيامت جي ڏينهن تنهنجون نيڪيون سموري مخلوق جي نيڪين جي برابر هجن؟ حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلَام عرض ڪيو: جي ها اي الله پاڪ ...!! مان بلڪل اهو چاهيان ٿو. الله پاڪ فرمايو: اي موسيٰ! جيڪڏهن تون اهو چاهين ٿو تہ مريضن جي عيادت ڪندو رهہ ۽ غريبن لاءِ ڪپڙن جو بندوبست ڪندو رهہ ..!! روايت جا لفظ آهن تہ ان ڪان پوءِ حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلَام اِهي ٻئي ڪم پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيا. [1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو سوچيو تہ سهي هي ڪيڏو نہ عظيم ڪم آهي، مسلمان ڀاءُ بيمار ٿئي تہ صرف ان وٽ وڃي سندس عيادت ڪرڻي آهي ۽ ڪانئس حال احوال پڇڻو آهي پر ثواب ڪيڏو وڏو آهي.

وہ تو نہایت سستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا | ہم مفلس کیا مول چُکائیں، اپنا ہاتھ ہی خالی ہے [2]

**وضاحت:** ٻنهي جهانن جا مالڪ، حبيبِ پروردگار صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ جنت تمام گهٽ قيمت ۾ وڪڻي رهيا آهن، پر اسان غريب ان جو سودو ڪيئن ڪريون؟ اسان وٽ تہ ڪجهہ بہ نہ آهي.

## ڪنهن مسلمان کي حقير نہ سمجهو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان وٽ ماڻهن جي هڪ سوچ آهي، ثواب جي معاملي ۾ بہ اسٽيٽس ڏسندا آهن. مثال طور عيادت کي ئي ونو! جيڪڏهن ڪو مسلمان ڀاءُ بيمار ٿي پئي تہ اِهو ڏٺو ويندو آهي تہ اُهو اسان جي اسٽيٽس جو ماڻهو آهي يا نہ، جيڪڏهن نوڪر بيمار ٿي

1...الروض الفائق فی المواعظ و الرقائق، صفحہ:92۔
2... حدائقِ بخشش ،صفحہ:186۔

پئي تہ سيٺ صاحب ان جي عيادت ڪرڻ ۾ شرم محسوس ڪندا آهن، ملازم بيمار ٿي پئي تہ مالڪ سندس عيادت لاءِ وڃڻ ۾ پنهنجي بي عزتي سمجهندا آهن، اهڙي طرح امير ۽ غريب جو بہ فرق ڪيو ويندو آهي. اِها تمام غلط ڳالهہ آهي.

ہر ایک چیز سے پیدا خُدا کی قدرت ہے | کوئی بڑا کوئی چھوٹا یہ اس کی حکمت ہے

اسان اهو نہ ٿا ڄاڻون تہ الله پاڪ وٽ ڪير عزت وارو آهي ۽ ڪير مقبول آهي. ٿي سگهي ٿو تہ دولت ۾ غريب ايمان ۾ نهايت امير هجي، ٿي سگهي ٿو تہ اسان جو ملازم رب ڪريم وٽ وڏي مقام وارو هجي، تنهنڪري ڪو ننڍو هجي يا وڏو، امير هجي يا غريب، دوست هجي يا اجنبي، جيڪڏهن هُو بيمار ٿي پئي تہ اسان کي سندس عيادت ڪري ثواب ڪمائڻ گهرجي. **مسلم شريف** جي حديث پاڪ آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ارشاد فرمائيندو: اي ابن آدم! مان بيمار هئس، تون منهنجي عيادت ڇو نہ ڪئي؟ ٻانهو عرض ڪندو: اي منهنجا رب ڪريم! تون تہ رَبُّ الْعٰلَمِین آهين، (تون هر عيب کان پاڪ آهين، بيمار ٿيڻ تنهنجي شان جي لائق نہ آهي، اي رب ڪريم جڏهن تون بيمار ٿيڻ کان ئي پاڪ آهين) تہ مان تنهنجي عيادت ڪيئن ڪريان ها؟ الله پاڪ فرمائيندو: ڇا توکي خبر نہ هئي تہ منهنجو فلاڻو ٻانهو بيمار ٿيو هو ۽ تون سندس عيادت نہ ڪئي هئي؟ جيڪڏهن تون سندس عيادت ڪرين ها تہ اُتي ضرور منهنجي رضامندي حاصل ڪرين ها. **(1)**

1…مسلم،كتاب البر و الصلة و الآداب ،باب فضل عيادة المريض،صفحہ:997 ،حديث:2569۔

اللّٰهُ اَكْبَرُ! اندازو ته لڳايو هڪ مسلمان جو ڪيڏو نه بلند شان آهي! ٻانهو بيمار ٿيو ته الله پاڪ فرمايو: اي ابن آدم! تون منهنجي عيادت چو نه ڪئي ...!! واهه واهه! سُبْحٰنَ الله! هن مان معلوم ٿيو ته ڪو امير هجي يا غريب، سيٺ هجي يا نوڪر، جيڪو مسلمان آهي ان جو الله پاڪ وٽ وڏو مقام آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته سندس عيادت لاءِ وڃون ۽ ثواب ڪمايون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## پَرَپُٺِ دعائون ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! فرشتن جي دُعائن جو حقدار بڻجڻ جو هڪ آسان طريقو هي به آهي ته اسان پنهنجي مسلمان ڀائرن جي لاءِ دُعا ڪندا رهون. حديث پاڪ ۾ آهي: ٻانهي جي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ پَرَ پُٺِ ڪيل دُعا مقبول آهي. (جڏهن ٻانهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ ان جي پرپٺ دُعا ڪندو آهي) ان جي مٿان هڪ فرشتو مقرر هوندو آهي، جڏهن به هُو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ دعا ڪندو آهي ته فرشتو چوندو آهي: آمِيْنَ وَلَكَ بِمِثْلٍ يعني الله تنهنجي دُعا قبول ڪري ۽ جيڪو تو پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ گهريو آهي الله پاڪ تو کي به اهو ئي عطا فرمائي.[1]

## 360 دوستن جي لاءِ دعا

روايت آهي ته حضرت ابودرداء رضی اللّٰه عنه (جيڪي صحابيءِ رسول آهن) سندن 360 دوست هئا، سندن عادتِ ڪريمه هئي ته نماز کان

[1] ابن ماجه، كتاب المناسک، باب فضل دعاء الحاج، صفحه:470، حديث:2895۔

پوءِ سيني دوستن جي لاءِ دُعائون ڪندا رهندا هئا. هڪ دفعي سندن زوجه محترمه ڪانئس ان جي حڪمت پڇي ته فرمايائون: جڏهن ٻانهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ ان جي غير موجودگي ۾ دُعا ڪندو آهي ته الله پاڪ ٻه فرشتا مقرر ڪري ڇڏيندو آهي جيڪي چوندا آهن: وَلَكَ بِمِثْلِ ذٰلِكَ يعني جيڪو ڪجهه تو پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ گهريو آهي الله پاڪ توکي به اهو ئي عطا فرمائي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي تمام اهم نسخو آهي، جيڪڏهن چاهيو ٿا ته اسان جون دُعائون قبول ٿين، جيڪو گهُرون سو ملي وڃي، ان جو تمام آسان طريقو آهي ته جيڪو توهان چاهيو ٿا، اهو پنهنجي لاءِ گهُرو يا نه گهُرو پر ڀين جي لاءِ ضرور گهُرو. مثال طور ڪنهن تي قرض چڙهي ويو آهي، اهو قرض لاهڻ لاءِ دعا گهُرڻ چاهي ٿو ته ان کي گهرجي ته هن طرح دُعا ڪري. اي الله پاڪ! منهنجي فلاڻي دوست، فلاڻي پاڙيسري يا فلاڻي مسلمان ڀاءُ جو قرض لاهڻ جا اسباب پيدا فرماءِ. هي ڀين جي لاءِ دُعا ڪندو، فرشتو ان جي لاءِ دعا ڪندي چوندو: اي الله پاڪ! هن جو قرض پهريان لاهي ڇڏ. اهڙي طرح اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اسان ڀين جي لاءِ دُعا ڪنداسين، فرشتو اسان جي لاءِ ڪندو رهندو، الله پاڪ چاهيو ته فرشتي جي دُعا قبول ٿيندي ۽ اسان جي به حاجت روائي ٿي ويندي.

## حضرت فاطمة الزهره رضی اللہ عنہا جو خير خواهي ڪرڻ جو جذبو

امام حسن مجتبيٰ رضی اللہ عنہ خاتونِ جنت حضرت فاطمة الزهره رضی اللہ عنہا

[1] مراۃ الزمان فی تواریخ الاعیان، جلد:5، صفحہ:481۔

جا وڏا شهزادا آهن فرمائن ٿا: مان پنهنجي والده محترمه کي رات جو مسجدِ بيت (گهر ۾ نماز پڙهڻ جي لاءِ مخصوص جاءِ) جي محراب ۾ نماز پڙهندي ڏسندو هيس، ايسيتائين جو فجر جو وقت ٿي ويندو هو. (1)

وه شب بيدار، وه صرفِ رکوع و سجدهٔ پیہم | وه جن کی ذات پہ نازاں حضور رحمتِ عالم

**وضاحت:** حضرت فاطمه فاطمة الزهره رضی اللہ عنہا راتين جو راتيون عبادت ڪرڻ واريون ۽ مسلسل رڪوع و سجود ۾ مصروف رهڻ واريون آهن، رحمت عالَم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم کي انهن تي ناز آهي.

امام حسن رضی اللہ عنہ وڏيڪ فرمائن ٿا ته والده محترمه رضی اللہ عنہا مسلمان مردن ۽ عورتن جي لاءِ تمام گهڻيون دُعائون ڪنديون هيون پر پنهنجي لاءِ ڪجهه به نه گهرنديون هيون. مون عرض ڪيو: امي جان! اهو ڪهڙو سبب آهي جو اوهان پنهنجي لاءِ ڪا به دُعا نه ڪنديون آهيو؟ فرمايائون: پُٽَ! اَلْجَارُ ثُمَّ الدَّار پهريان پاڙو پوءِ گهر. (2)

# سحري ڪرڻ وارن جي لاءِ دعائون

پيارا اسلامي ڀائرو! فرشتن جون دعائون حاصل ڪرڻ جو هڪ آسان طريقو سحري کائڻ به آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: سحري برڪت وارو کاڌو آهي، ان کي نه ڇڏيو! بيشڪ الله پاڪ ۽ سندس فرشتا سحري ڪرڻ وارن تي درود موڪليندا آهن. [3]

معلوم ٿيو ته جيڪو سحري کائيندو آهي، فرشتا ان جي لاءِ رحمت جون دُعائون ڪندا آهن. توهان چوندا ته هيءَ فضيلت ته اسان

1...مدارج النبوة، قسم پنجم، ذکر اولاد کرام،سیده فاطمہ الزہرا، 461/2۔

2...مدارج النبوة، قسم پنجم، ذکر اولاد کرام،سیده فاطمہ الزہرا، 461/2۔ن

3 مسند احمد، جلد؛5، صفحہ:119، حدیث:11706 ملتقطاً۔

رمضان شريف ۾ حاصل ڪنداسين جي ها! رمضان شريف ۾ بہ ضرور حاصل ڪرڻي آهي، ان سان گڏوگڏ **رجب شريف** بہ اڇي رهيو آهي. سُبْحٰنَ الله! عاشقِ رمضان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه رجب شريف کي رمضان شريف جو ڦاٽڪ فرمائيندا آهن، **يعني رجب شريف اچي ويو تہ هاڻي رمضان شريف جي آمد ويجهو ٿي وئي.**

خير! رمضان جا روزا تہ فرض آهن، اهي تہ رکڻا ئي رکڻا آهن، ان سان گڏوگڏ رجب ۽ شعبان جا نفلي روزا بہ رکڻا آهن.

## آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رجب جا روزا رکندا هئا

حضرت عُروه بن زبير رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرت عبد الله بن عمر رَضِىَ اللهُ عَنْهُمَا کان پڇيو تہ ڇا نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رجب شريف جا روزا رکندا هئا؟ فرمايائون: ها! (روزا بہ رکندا هئا) ۽ انهن کي اهميت بہ ڏيندا هئا.. (1)

## جيڪو گهُرندئو، اهو عطا ڪيو ويندو

عارف بالله شيخ ضياءُ الدّين دَيريني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ روايتن ۾ آهي تہ ۞ جنهن رجَب جا 7 روزا رکيا، ان جي لاءِ جهنم جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن ۞ جنهن رجب شريف جا 10 روزا رکيا، اهو الله پاڪ کان جيڪو گهرندو آهي اهو کيس عطا ڪيو ويندو آهي ۞ ۽ بيشڪ جنت ۾ هڪ محل آهي، ان محل جي اڳيان دنيا هڪ پکيءَ جي آکيري جيتري آهي، ان ۾ صرف اهو داخل ٿيندو

1…ڪنزالعمال، جزء:8، جلد:4، صفحہ:301، حديث:24596۔

جنهن رجب جا روزا رکيا هوندا. (1)

عبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگا دے دِل | رجب کا واسطہ دیتا ہوں فرما دے کرم مولا (2)

## جنت جي هڪ نهر جو نالو رَجَب آهي

جنتي صحابي حضرت انس بن مالڪ رضی اللّٰہ عنہ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي آخري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: جنت ۾ هڪ نهر آهي جنهن کي رَجَب چيو ويندو آهي، ان جو پاڻي کير کان وڌيڪ اڇو ۽ ماکيءَ کان وڌيڪ مٺو آهي، جيڪو رجب شريف جو هڪ روزو رکندو، الله پاڪ ان کي ان نهر مان سيراب ڪندو. (3)

## رجب جو روزو گناهن جو ڪفارو آهي

سُلطانُ الْمُفَسِّرِين، حضرت عبد الله بن عبَّاس رضی اللّٰہ عنہ کان روايت آهي ته بيچين دِلين جي چين صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: رجب جي پهرين ڏينهن جو روزو 3 سالن جي گناهن جو ڪفارو آهي، ٻئي ڏينهن جو 2 سالن جو ۽ ٽئين ڏينهن جو روزو هڪ سال جي گناهن جو ڪفارو آهي ۽ ان کان پوءِ هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جي گناهن جو ڪفارو آهي. (يعني رجب شريف جا اِهي روزا صغيره گناهن جي معافي جو ذريعو بڻجي ويندا آهن). (4)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! رجب شريف اچي رهيو آهي، انهيءَ مبارڪ

---

1…اسلامی مہینوں کے فضائل، صفحہ:132-133۔

2… وسائلِ بخشش، صفحہ:98۔

3… شُعَبُ الایمان، باب فِی الصِّیَام، جلد:3، صفحہ:368، حدیث:3800۔

4…جامع صغیر، صفحہ:311-312، حدیث:5051۔

مهيني ۾ نفلي روزا رکو، سحري ڪريو، پين فضيلتن سان گڏوگڏ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! فرشتن جي دُعائن مان به حصو ملي ويندو.

## ملائڪن جون دعائون حاصل ڪرڻ جا ڪجھ طريقا

پيارا اسلامي ڀائرو! فرشتن جون دُعائون حاصل ڪرڻ جا ٻيا به ڪيترائي طريقا آهن، مختصراً ڪجھ عرض ڪري رهيو آهيان:

۞ حديث پاڪ جي مطابق جيڪو شخص فجر جي نماز پڙهي ۽ پوءِ اتي ئي وينو رهي ته فرشتا ان جي لاءِ مغفرت ۽ رحمت جون دُعائون ڪندا آهن[1] ۞ جيڪو شخص نماز جي انتظار ۾ ويٺو هوندو آهي فرشتا ان جي لاءِ به دُعائون ڪندا آهن[2] ۞ جيڪي نماز ۾ صفن ۾ هڪ ٻئي سان ملي بيهندا آهن، ملائڪ انهن جي لاءِ به دُعائون ڪندا آهن[3] ۞ جيڪو شخص ماڻهن کي ڀلائي جو ڳالهيون سيکاريندو آهي (مثال طور: نيڪيءَ جي دعوت ڏيندو آهي، وضو، نماز ۽ روزن جا احڪام سيکاريندو آهي، قرآن پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو حلقو لڳائي قرآن ڪريم جون ڳالهيون پڙهائيندو آهي، فيضانِ سنت جو درس ڏئي علمِ دين عام ڪندو آهي)، ان جي لاءِ نه رڳو فرشتا پر زمين ۽ آسمان جي سموري مخلوق ايسيتائين جو ڪِولِيون به پنهنجي ٻِرَن ۾ دُعائون ڪنديون آهن[4] ۞ اهڙي طرح جيڪو باوضو سمهندو آهي ته هڪ فرشتو سندس ويجهو رهندو آهي ۽ ان جي لاءِ دُعائون ڪندو رهندو آهي[5].

---

[1] مسند احمد، جلد:5، صفحہ:119، حديث:11706 ملتقطاً۔
[2] مسلم، كتاب المساجد و مواضع الصلاة، باب فضل صلاة الجماعة...الخ، صفحہ:240، حديث:649۔
[3] ابن ماجہ، كتاب اقامة الصلاة و السنة فيها، باب اقامة الصفوف، صفحہ:163، حديث:995۔
[4] ترمذی، ابواب العلم، باب ماجاء فی فضل الفقه على العبادة، صفحہ:632، حديث:2685۔
[5] الزہد لابن مبارک، الجزء العاشر، صفحہ:354، حديث:1244۔

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو تہ ھي ڪيڏا سولا ۽ آسان ڪم آھن ۽ فضيلت ڪھڙي آھي؟ جيڪو شخص ھي آسان نيڪيون ڪندو آھي، فرشتا ان جي لاءِ مغفرت، بخشش ۽ رحمت جون دُعائون ڪندا آھن. اللّٰہ پاڪ اسان کي اِھي نيڪ ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، ڪاش! اسان فرشتَن جون دُعائون وٺڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## 12 ديني ڪمن مان ھڪ ديني ڪم: مدرسة المدينہ بالغان

پيارا اسلامي ڀائرو! گناھن کان نفرت ڪرڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، **12** ديني ڪمن ۾ بہ خوب زور شور سان حصو وٺو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيۡم! زندگي سنورجي ويندي. اللّٰہ پاڪ چاھيو تہ دنيا کان بي رغبتي بہ نصيب ٿيندي ۽ اخلاق ۽ ڪردار بہ بھتر ٿي ويندا. **12** ديني ڪمن مان ھڪ ديني ڪم **مدرسةُ المدينہ بالغان** بہ آھي، جنھن ۾ درست تجويد سان قرآن پاڪ پڙھڻ سيکاريو ويندو آھي.

حديث پاڪ ۾ آھي: توھان مان بھتر اُھو آھي جيڪو قرآن سِکي ۽ سيکاري.[1] ❁ قرآن ڪريم اللّٰہ پاڪ جو ڪتاب آھي ❁ انسانن جي لاءِ رب ڪريم جو پيغام آھي ❁ پر افسوس اڄڪلھ مسلمان قرآن ڪريم کان پري ٿيندا پيا وڃن ❁ ڪيترن ئي ماڻھن کي ڏسي بہ قرآن پاڪ پڙھڻ نہ ايندو آھي ❁ ۽ جن کي پڙھڻ ايندو آھي اُھي بہ تجويد ۽

1…ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب ماجاء فی تعلیم القرآن، صفحہ:675، حدیث:2907۔

مخارج جون اهڙيون غلطيون ڪندا آهن جن جي ڪري نماز ئي نہ ٿيندي آهي.

اَلحَمدُللّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي مختلف جاين ۽ مسجدن ۾ روزانو مدرسة المدينہ بالغان جا ڪلاس لڳائي قرآن ڪريم جو فيضانِ عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي ❁ جن ۾ درست تجويد ۽ قرائت سان قرآن ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ❁ فرض علوم بہ ٻڌايا ويندا آهن ❁ سنتون ۽ آداب بہ سيکاريا ويندا آهن ❁ ترجمو ۽ تفسير ٻڌڻ جو بہ موقعو ملندو آهي. توهان بہ ان ۾ شرڪت ڪندا ڪريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون. اچو تہ ترغيب خاطر هڪ مدني بهار ٻڌون.

## فيشن پرست جي زندگيءَ ۾ بهار اچي وئي

حيدرآباد (سنڌ، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ مان هڪ فيشن ايبل *(Fashionable)* نوجوان هيس، دنيا جي موج مستيءَ ۾ گم، آخرت جي انجام کان بلڪل بي خبر زندگي جا ڏينهن گذاري رهيو هئس. منهنجي گناهن ڀري زندگيءَ ۾ بهار هيئن آئي جو مون کي مدرسة المدينہ بالغان ۾ داخلا وٺڻ جي سعادت نصيب ٿي وئي ۽ منهنجي خوش قسمتيءَ جو سفر شروع ٿي ويو. مدرسة المدينہ بالغان جي برڪتن منهنجي اونداهي دل کي خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روشني سان منور ڪري ڇڏيو، مون کي قرآن پاڪ جي تعليم سان گڏوگڏ سنتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو بہ مليو، هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت بہ نصيب ٿي وئي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ جي برڪت سان منهنجي زندگيءَ ۾ بهار اچي وئي ۽ فيشن پرستي ۽ موج

مستي ڪان بہ نجات ملي وئي.

ترا شڪر مولیٰ دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگا دے | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول[1]

# قرآن ٽيچر موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! هي ٽيڪنالاجي جو دور آهي. اَلْحَمْدُ لله! قرآن ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي *I.T* آئي ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ شاندار موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: **قرآن ٽيچر** *(Quran Teacher)* ۞ هن ايپلي ڪيشن ذريعي درسِ نظامي، فيضانِ نماز ڪورس، زڪوات ڪورس جهڙن بي شمار آن لائين ڪورسن ۾ داخلا حاصل ڪرڻ جي لاءِ رجسٽريشن ڪرائي سگهجي ٿي ۞ اسٽوڊنٽ پورٽل (*Student Portal*) ذريعي پنهنجي آن لائين ڪلاسن جي سرگرمين جي معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي ۞ دعوتِ اسلامي جي هن پليٽ فارم تي تقريباً **50** کان وڌيڪ اسلامي ڪورس ڪرايا ويندا آهن ۞ هيءَ ايپلي ڪيشن آن لائين ٽيڻ وارن ڪورسن جي باري ۾ بہ معلومات فراهم ڪندي آهي توهان پنهنجي مرضيءَ سان ڪو بہ ڪورس چونڊي سگهو ٿا ۽ بغير ڪنهن تڪليف جي آن لائين قرآن ڪريم سکڻ جي لاءِ داخلا حاصل ڪري سگهو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

---

1… وسائلِ بخشش،صفحہ: 647-648۔

# ڪجهہ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجهہ ضروري اعلانات ٻڌي وٺو. هر ڇنڇر تي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ (تقريباً 8 وڳي) اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو. جنهن ۾ شيخ طريقت اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب عنايت فرمائيندا. سڀئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ❀ شيخ طريقت، امير اهلسنت هر هفتي هڪ دِيني رسالو پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي فيضانِ ايام جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (Share) ڪريو! ❀ قرآن پاڪ ۾ جتي جتي الله پاڪ اي ايمان وارؤ چئي ايمان وارن کي خصوصي احڪام ارشاد فرمايا آهن، انهن سمورين آيتن کي مڪتبة المدينہ هڪ هنڌ گڏ ڪري هڪ خوبصورت ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪيو آهي. جنهن جو نالو آهي اي ايمان وارؤ هي ڪتاب اسان کي برراهِ راست الله پاڪ جي فرمانن کي سمجهڻ، ياد رکڻ ۽ پنهنجي زندگي ۾ نافذ ڪرڻ جو بهترين موقعو فراهم ڪري ٿو. هن

ڪتاب جي عام قيمت **1000 روپيا** آهي، پر **19 ڊسمبر** تي ٿيڻ واري ذهني آزمائش پروگرام جي فائنل تائين هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **820 روپين** ۾ خريد ڪري سگهو ٿا.

# خوشخبري

## هفتہ ماهوار فيضانِ مدينہ

### ماهوار فيضانِ مدينہ جي اسپيشل بڪنگ آفر (*Special Booking Offer*)

دعوتِ اسلامي جو هر مهيني شايع ٿيڻ وارو رسالو **ماهوار فيضانِ مدينہ 14 ڊسمبر 2025 کان 21 ڊسمبر 2025** تائين بڪ (*Book*) ڪرائي سگهجي ٿو.

**قيمتون:** ❁ رنگين شمارو **3700** روپيا ❁ سادو شمارو **2300** روپيا ❁ انگريزي شمارو **5500** روپيا ❁ عربي شمارو **2000** روپيا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# رجب جي مدني مذاڪرن جو اعلان!

پيارا اسلامي ڀائرو! اميرِ اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن دور جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت بلڪ هڪ ڪامل ولي آهن. پاڻ اُمت مصطفيٰ جي خير خواهي جي نيت سان هر هفتي جي رات کان علاوه خاص موقعن تي بہ مدني مذاڪرا فرمائيندا آهن، يعني دنيا ڀر کان عاشقانِ رسول تفسير، حديث، شريعت، طريقت ۽ ٻين مختلف موضوعن تي سوال ڪندا آهن ۽ اميرِ اهل سنت انهن جا جواب ارشاد فرمائيندا آهن. اهي مدني

مذاڪرا مدني چينل تي سڌو سنئون ڏيکاريا ويندا آهن.

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اميراهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پهرين رجب شريف کان وٺي ڇهين رجب شريف تائين عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچيءَ مان سڌو سنئون مدني مذاڪرا فرمائيندا. جن اسلامي ڀائرن کان ممڪن هجي، اُهي فيضانِ مدينہ تشريف آڻين، مدني مذاڪرن ۾ شرڪت ڪن يا وري پنهنجن علائقن ۾ ٿيندڙ اجتماعي مدني مذاڪرن ۾، يا وري پنهنجي گهرن ۾ ئي مدني چينل ذريعي مدني مذاڪرن ۾ شرڪت فرمائين.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ (يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو). (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

# معانقو ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جو ڪو ڀاءُ هجي ان کي گهرجي تہ پنهنجي ڀاءُ سان معانقو ڪري. (2)

1… مشكوٰة،كتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔
2… كَنْزُ الْعُمَّال، كتاب: الفضائل، جلد:7، جز:13، صفحہ:26، حديث:36235۔

اي عاشقانِ رسول! ڀڪلي ملڻ يعني ڀاڪُر پائڻ کي معانقو ڪرڻ چوندا آهن ۽ معانقو ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي. ❁مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح ۾ آهي: خوشيءَ ۾ ڪنهن سان ڀڪلي ملڻ سنت آهي. (1) پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّی اللہ علَیہِ واٰلِہٖ وسلَّم ڪيترائي ڀيرا صحابهءِ ڪرام رضی اللہ عنہم تي شفقت فرمائيندي ساڻن ڀڪلي ملندا هئا. مثال طور خيبر جي موقعي تي پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صلَّی اللہ علَیہِ واٰلِہٖ وسلَّم حضرت جعفر طيار رضی اللّٰہ عنہ کي سيني سان لڳايو ۽ ڪين پيشانيءَ تي چُمِي ڏنائون. (2) هڪ دفعي پاڻ صلَّی اللہ علَیہِ واٰلِہٖ وسلَّم حضرت ابوذر غفاري رضی اللّٰہ عنہ کي گهرايو ۽ جڏهن اهي حاضر ٿيا تہ شفقت فرمائيندي ڪين سيني سان لڳايائون. (3)

اهڙن ڇوڪرن سان، جن جي اڃا ڏاڙهي نہ آئي هجي، ڀاڪر پائڻ کان احتياط ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ فتني ۾ مبتلا ٿيڻ جو انديشو آهي.

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دامت برکاتھم العالیۃ جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو

1...مرآة المناجيح، جلد:6، صفحہ:359۔

2...ابو داؤد، كتاب:الادب، باب: قبلة ما بين العينين،صفحہ:813، حديث:5220۔

3...ابو داؤد، كتاب:الادب، باب: قبلة ما بين العينين،صفحہ:812، حديث:5214 خلاصةً۔

گر مدينے کا غم چاہئے چَشمِ نَم | لينے يہ نعمتيں قافلے ميں چلو (1)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

1…وسائل بخشش، صفحہ:669۔

# رجبُ المرجب جي حوالي سان مڪتوبِ عطار

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

پيارااسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي ڪرم سان عزّت واري مهيني رجَبُ المُرجَّب جي آمد آمد آهي، اسان کي رجب شريف جو بابرڪت مهينو ڪيئن گذارڻو آهي؟ اچو! هن حوالي سان امير اهل سُنت مولانا محمد الياس عطار قادري جو مڪتوب (يعني خط مُبارڪ) ٻڌون ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بِسمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم سگِ مدينہ محمّد الياس عطار قادري رضوي عُفِيَ عَنہ جي طرفان، تمام اسلامي ڀائرن، مدارس المدينہ ۽ جامعاتُ المدينہ جي اساتذه، طَلَبہ جي خدمات ۾ ڪعبہء مُشَرّفہ جي چوڌاري گهمندو، گنبذ خضريٰ کي چمندو رَجَبُ المُرَجب، شَعبانُ المُعَظم ۽ رمضانُ المُبارڪ جي برڪتن سان مالا مال جهومندو سلام،

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُم وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ عَلٰى كُلِّ حَال

اَلحَمْدُلله! هڪ ڀيرو وري خوشيءَ جا ڏينهن اچڻ وارا آهن، ماهِ رجَبُ المُرجب جي آمد آمد آهي. هن مهيني ۾ عبادت جو ٻج پوکيو ويندو آهي، **شَعبانُ المُعَظم** ۾ شرمساري جي ڳوڙهن سان پاڻي ڏنو ويندو آهي ۽ **رمضان المبارڪ** جي مهيني ۾ رحمت جو

فصل ڪٽيو ويندو آهي.

## رجب جي ابتدائي 3 روزن جي فضيلت

رجب المرجب جا قدر دانو! تعليم و تعلُّم (يعني سکڻ ۽ سيکارڻ) ۽ ڪسبِ حلال ۾ رڪاوٽ نہ هجي، ماءُ پيءُ بہ بلا وجہ منع نہ ڪن، ڪنهن جي بہ حق تلفي نہ ٿيندي هجي جلدي جلدي ۽ جلدي مسلسل ٽن مهينن جا يا رمضان المبارڪ جي مڪمل فرض روزن سان گڏ جنهن کان جيترا ٿي سگهن نفل روزن جي لاءِ ڪمر بستہ ٿي وڃو، سحري ۽ افطار ۾ گهٽ کائي ڪري پيٽ جو قفل مدينہ بہ لڳايو. ڪاش! هر گهر ۾ ۽ منهنجي جملہ مدارس المدينہ ۽ تمام جامعة المدينہ ۾ روزن جون بهاريون اچي وڃن. بس پهرين رجب شريف کان ئي روزن جو آغاز فرمائيندا وڃو.

## رجب جي ابتدائي (پهريان) ٽن روزن جي فضائل جي بہ ڇا ڳالہ ڪجي!

حضرت عبدالله بن عباس رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ بي چين دِلين جي چين، رحمتِ دارَين، تاجدارِ حَرمَين، سروَرِ ڪَونَين، ناناءِ حَسنَين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمتِ نشان آهي: ”**رجب جي پهرين ڏينهن جو روزو ٽن سالن جو ڪفارو آهي ۽ ٻي ڏينهن جو روزو ٻن سالن جو ۽ ٽين ڏينهن جو هڪ سال جو ڪفارو آهي، پوءِ هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي.**“[1]

[1] جامع صغير، صفحہ:311، حديث:5051، فضائل شهر رجب للخلال، صفحہ:7۔

مىں گنہگار گناہوں کے سوا کیا لاتا

نیکیاں ہوتی ہیں سرکارِ نکوکار کے پاس

نفلي روزن جون بہ ڇا تہ خوب بهارون آهن، هن ضمن ۾ 2 احاديث مبارڪ مُلاحظہ فرمايو:

(1) حضرت اُمِّ عُماره رضی اللہ عنہا فرمائن ٿيون: نبي ڪريم صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم مون وٽ تشريف ڪٺي آيا تہ مون پاڻ ڪريم جي خدمت ۾ کاڌو پيش ڪيو تہ ارشاد فرمايائون: توهان بہ کائو! مون عرض ڪيو: مان روزي سان آهيان تہ رحمتِ عالم صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم فرمايو: جيستائين روزيدار جي سامهون کاڌو کاڌو ويندو آهي ملائڪ ان (يعني روزيدار) جي لاءِ مغفرت جي دُعا ڪندا رهندا آهن.[1] (2) حضرت بلال رضی اللہ عنہ، نبي اڪرم، نورِ مُجسم، شاهِ بني آدم، صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، اُن وقت پاڻ ناشتو ڪري رهيا هئا فرمايائون: اي بلال! ناشتو ڪيو! عرض ڪيائين: يارسول الله صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم ! مان روزي سان آهيان. تہ رسول الله فرمايو: اسان پنهنجي روزي کائي رهيا آهيون، ۽ بلال جو رزق جنت ۾ وڌي رهيو آهي. اي بلال! ڇا توهان کي خبر آهي تہ جيستائين روزيدار جي سامهون ڪجھ کاڌو وجي تيستائين اُن جون هڏيون تسبيح ڪنديون آهن، اُن کي ملائڪ دعائون ڏيندا آهن.[2]

مشهُور مُفسّرِ قرآن مفتي احمديارخان رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا تہ هن

---

[1] ترمذی، حدیث:785۔

[2] شُعَبَ الْاِیمان، جلد:3، صفحہ:297، حدیث:3586۔

مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن ڪاڏو ڪائڻ دوران ڪو اچي وڃي تہ ان کي بہ ڪائڻ جي لاءِ سڏڻ سنت آهي، پر دِلي ارادي سان سڏي، ڪوڙي تواضُع (يعني صلاح) نہ ڪري ۽ اچڻ وارو بہ ڪوڙ ڳالهائي هيئن نہ چوي تہ مونکي خواهش ناهي، تہ جيئن بک ۽ ڪوڙ گڏجي نہ وڃن. بلڪ جيڪڏهن (نہ ڪائڻ چاهي يا) ڪاڏو گهٽ ڏسي تہ چوي بَارَكَ اللهُ (يعني **الله پاڪ** تو کي برڪت ڏي) هي بہ معلوم ٿيو تہ سروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان پنهنجون عبادتون نہ لڪائڻ گهرجن، بلڪ ظاهر ڪيون وڃن تہ جيئن حضور پُرنُور، **شافعِ يومُ النُّشُور** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي گواهہ بڻجي وڃن، ۽ اهو ظاهر ڪرڻ **رياء** ناهي. (حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي روزي جو بڌي ڪري جيڪو ڪجهہ فرمايو ويو ان جي شرح هي آهي) تہ يعني اڄ جي روزِي اسان تہ پنهنجي هتي ئي ڪائي ونون ٿا.

حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ان جي عِوَض جنّت ۾ ڪائيندا، اهو عوض (يعني بدلو) بهتر بہ هوندو ۽ زياده بہ، حديث بلڪل پنهنجي ظاهري معنيٰ تي آهي، واقعي ان وقت روزيدار جي هر هڏي ۽ جوڙ بلڪ رڳ رڳ تَسبِيح (يعني الله پاڪ جي پاڪي بيان) ڪندي آهي جنهن جو روزيدار کي پتو ئي ناهي هوندو، پر سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بڌندا آهن. (مراٰة ج 3 ص 202)

**مطالعو** ڪيو هجي تڏهن بہ بئي رسالا (1) **ڪفن جي واپسي** ۽ **رجب جون بهارون** ۽ (2) **آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو مهينو** پڙهي ڇڏيو، ۽ پڻ هر سال **شعبان المُعَظّم** ۾ **فيضان سنّت** جو باب **فيضانِ**

**رمضان** ضرور پڙهي ڇڏيندا ڪريو. ٿي سگهي تہ **عيدِ مِعراجُ النبي**صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نسبت سان 127 يا 27 رسالا يا حسبِ توفيق **فيضانِ رمضان** بہ تقسيم فرمايو ۽ خوب خوب ثواب ڪمايو. تمام اسلامي ڀائرن سان بالعُمُوم ۽ جامعات المدينه ۽ مدارس المدينه جي جملہ قاري صاحبان، استادن، ناظمن ۽ طالبن جي خدمت ۾ بالخصوص تڙپندڙ **مدني عرض** آهي تہ براءِ ڪرم! (منهنجي جيئري ۽ مرڻ ڪان بعد بہ) زڪوٰة، فطرو، قرباني جون کلون ۽ ٻيا مدني عطيات جمع ڪرڻ ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺندا ڪيو. (اسلامي ڀينرون ٻين اسلامي ڀينرن ۽ مَحارِم کي ترغيب ڏيارين)

خدا جو قسم! مون کي انهن استادن ۽ شاگردن جي باري ۾ ٻڌي ڪري تمام گهڻي خوشي ٿيندي آهي جيڪي پنهنجي ڳوٺ يا شهر ۾ وڃڻ جي خواهش کي قربان ڪري **رمضان المبارڪ** جو مهينو جامعات ۾ گذاريندا آهن ۽ پنهنجي مَجلس جي هدايتن جي مطابق چندي جي بستن تي ذميداريون سنڀاليندا آهن. جيڪي استاد ۽ شاگرد بغير ڪنهن عذر جي صرف سُستي يا غفلت جي سبب عدمِ دلچسپي جو مظاهرو ڪندا آهن انهن جي سبب ڪان منهنجي دل **ڏکندي** آهي.

**خصوصي مدني گل:** جيڪي اسلامي ڀائر چندو جمع ڪرڻ چاهن ٿا انهن کي چندي جا ضروري احڪام معلوم هجڻ فرض آهن، تاڪيد سان عرض آهي تہ جيڪڏهن پڙهي چڪا آهيو تڏهن بہ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 107 صفحن تي

مشتمل ڪتاب **”چندي جي باري ۾ سوال جواب“** جو ٻيهر مطالعو فرمايو. ياالله پاڪ! **رمضان المبارڪ** ۾ چندي ۽ عيد الاضحيٰ ۾ کلن جي لاءِ ڪوشش ڪري جيڪي **عاشقانِ رسول** منهنجي دل خوش ڪندا آهن تون انهن کان هميشہ هميشہ جي لاءِ راضي ٿي وڃ ۽ انهن جي صدقي مون پاپي ۽ بدڪار، گناهگارن جي سردار کان بہ هميشہ جي لاءِ راضي ٿي وڃ .

**ياالله**! جيڪو اسلامي ڀاءِ (عذر نہ هجڻ جي صورت ۾) هر سال ٽن مهينن جا روزا رکي ۽ هر سال جَمادي الآخرٰي ۾ رسالو **ڪفن جي واپسي** ۽ رَجَبُ المُرَجَّب ۾ آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مهينو ۽ شَعبان المُعَظّم ۾ **فيضانِ رمضان** پڙهي يا ٻڌي وٺڻ جي سعادت حاصل ڪري مون کي ۽ ان کي دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نصيب فرماءِ ۽ اسان کي بي حساب بخشي ڪري جنّت الفردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڙي ۾ گڏ رک.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم